كَندڙيءَ جو كلتار

صوفي روحل فقير

مرتب
ڊاڪٽر نواز علي شوق

Sukkur Historical Society

Shah Hayat Institute

Published on the Occasion of
SUKKUR THROUGH CENTURIES
NATIONAL SEMINAR-2001

حق ءِ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: صوفي روحل فقير
مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو پهريون: مئي ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور
ٽائيٽل: سنڌيڪا اڪيڈمي
ڇپائيندڙ: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر
اهتمام: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

قيمت: =/100 ريا

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا زونل آفيس
١٩ ـ بلديہ پلازا گھنٽا گھر چوڪ سکر
ڪائياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب گاڏي کاتو حيدراباد
رابيل بوڪ شاپ المنظر لاڙڪاڻو

فهرست

پبلشر نوٽ		۵
مقدمو	ـ ڊاڪٽر نواز علی شوق	۷
روحل فقير جو هندي ڪلام	ـ ڊاڪٽر مرليدر جيٽلی	۲۷
سنڌِي بيت		۳۴
سنڌي ڪافيون		۴۹
سرائڪی بيت		۵۴
سرائڪی ڪافيون		۵۹
سی حرفی		۷۰
دوها		۷۵
هندِي ڪافيون		۷۶
ڏمال		۸۲
سی حرفی		۸۶
ات سيد روحل صاحب کی لکنت		۸۹
نج مول گرنٿ		۱۴۵
ڏکين لفظن جی معنیٰ		۱۷۱

Gul Hayat Institute

پبلشر نوٽ

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب جو سونهري دور هو. هن دور ۾ بلند پايہ شاعر پيدا ٿيا. شاهہ لطيف جهڙو عظيم شاعر بہ هن ئي دور ۾ پيدا ٿيو. هن دور ۾ سنڌي بيت ۽ ڪافي ترقي ڪئي. ڪي نيون صنفون ايجاد ٿيون. مطلب تہ سنڌي ادب هر لحاظ سان مالا مال ٿيو. روحل فقير جو جنم بہ هن ئي سونهري دور ۾ ٿيو. پر افسوس جو هيڙي صوفي بزرگ ۽ شاعر تي ڪو خاطر خواد ڪم ڪونہ ٿيو. آفرين آهي مرحوم لطف الله بدوي کي. جنهن ڪنڊڙيءَ جي ٻن صوفي شاعرن روحل فقير ۽ مراد فقير جو ڪلام سهيڙي "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" نالي سان ترتيب ڏنو. جيڪو ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪو آهي. جيڪڏهن غور سان ڏنو وڃي تہ ان ۾ ٻنهي شاعرن جو سمورو ڪلام شامل نہ آهي. روحل فقير ۽ مراد فقير سنڌيءَ سان گڏ هندي جا بہ وڏا شاعر هئا. پر بدوي مرحوم واري ڪتاب ۾ ٻنهي شاعرن جو هندي ڪلام شامل نہ آهي. ان کان علاوہ ڪنڊڙيءَ جي ٻين شاعرن تي بہ ڪا خاص تحقيق ڪانہ ڪئي وئي آهي. تنهنڪري ان ڳالهہ جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. تہ ڪنڊڙي جي ڪلتارن جو سمورو ڪلام ڪٺو ڪري ڇپرايو وڃي. اهو اسان جي اشاعتي پروگرام ۾ شامل آهي. پر في الحال وقت جي تنگي سبب اسان فقط روحل فقير جو ڪلام ڇپرائي رهيا آهيون. ان کانپوءِ ٻين شاعرن جو ڪلام ڇپرايو ويندو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق سنڌ جو هڪ سڄاڻ اديب آهي. هن سنڌي ڪلاسيڪي شاعري. خاص طور حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست تي قابلِ تعريف تحقيق ڪئي آهي. هيءُ ڪتاب شوق صاحب وڏي محنت ۽ محبت سان تيار ڪيو آهي. مون کي ذاتي طور معلوم آهي تہ هن ڪنڊڙيءَ ۾ رکيل ڪنڊڙي جي ڪلتارن واري قلمي بياض کان علاوہ اختر درگاهي واري بياض ۽ ڪن ٻين قلمي بياضن جي مدد سان روحل فقير جو ڪلام ڪٺو ڪيو آهي. ان کان علاوہ شوق صاحب روحل فقير جو هندي ڪلام پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي ۽ ڏکين لفظن خاص ڪري هندي

Gurmet Institute

زبان جي ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني آهي، جيڪا تمام ضروري هئي.

اسان کي خوشي آهي تہ پهريون پيرو روحل فقير جو سنڌي سرائڪي ۽ هندي ڪلام سکر هسٽاريڪل سوسائٽي پاران "سکر صدين کان سيمينار" جي موقعي تي چڀي پڌرو ٿي رهيو آهي. ان لاءِ اسان سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي سرپرست ۽ سکر نيشنل سيمينار جي روح روان ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب جا بيحد ٿورائتا آهيون جنهن اسان جي هر طرح مدد ڪئي ۽ هي ڪتاب شاندار نموني چڀي پڌرو ٿيو.

ايازگل
سيڪريٽري
اشاعتي ڪاميٽي

سکر سنڌ
۲۰ آڪٽوبر سنہ ۲۰۰۰ع

مقدمو

سوانح: روحل فقير جا وڏا اصل ۾ ساهيوال جي هڪ ڳوٺ لونگڙيہ جا رهاڪو هئا. روحل فقير جو والد شاهو فقير ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪنهن سبب اتان لڏي اچي عمر ڪوٽ ويجهو هڪ پٽ تي آستانو اڏي ويهي رهيو. ان پٽ کي اڄ بہ "روحل جي پٽ" چيو ويندو آهي. پر.اهو ڳوٺ هنيئر ڏٺي ويو آهي. شاهو فقير کي ٻي پٽ هئا. سلطان، روحل ۽ ميوو. انهن مڙني مان روحل مشهور ٿيو. هو ذات جو زنگيجو هو. جيئن پاڻ ئي چيو اٿائين:

لنوڪ آکي هي روحل بولندا،
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجا،
نهين روحل، نهين ذات زنگيجا،
اي ڪو سر الاهي هي.

روحل جي ابتدائي زندگي ۽ تعليم تربيت متعلق ڪا معلومات نہ ٿي ملي. باقي سندس ڪلام جي مطالعي جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ هن عربي فارسي جي تعليم حاصل ڪئي هئي. جيئن تہ ٿر جي آسپاس هنديءَ جو رواج گهڻو هو، تنهنڪري هن هندي زبان تي بہ دسترس حاصل ڪئي. ان جو ثبوت سندس هندي ڪلام آهي. جوڌپور جي راجا بجيہ سنگ سان سندس چاڻ سچاڻ هئي. هن پنهنجي هڪ هندي تصنيف "اڳم وارتا" جوڌپور جي والي راجہ بجيہ سنگ لاءِ تيار ڪئي هئي. اهو ڪلام سوال جواب جي صورت ۾ آهي. راجا جي هڪ درباري پنڊت ايسر سنگ راجا جي سامهون فقير صاحب کان ڪي سوال ٿي پڇيا، روحل فقير ان جا جواب ڏيندو رهيو.

مرحوم لطف الله بدوي لکيو آهي تہ، "تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن فقير صاحب جوانيءَ جي سن کي پهتو، تڏهن ان وقت ڪلهوڙن جي دور ۾، سرڪاري ملازمت ۾ گهڙيو هو ۽ ميان غلام شاهہ جي دور ۾، ترقي ڪري وزير جي عهدي تي وڃي پهتو هو... جيئن زباني روايتون اهن راڄي ليکيءَ جي مدد سان، روحل فقير بہ سرڪاري ملازمت ۾ داخل

Gul Hayat Institute

ٹيو.[1] "پر مُجھہ عرصي کان پوءِ سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏنائين. فقير صاحب ميان غلام شاهہ جي ملازمت ڇو ڇڏي؟ ان لاءِ لطف الله بدوي مرحوم جي راءِ آهي تہ راڄي ليڪي جون مير بهرام خلاف سازشون ڏسي هن نوڪري ڇڏي ڏني. ان ماڻري مر ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم جي راءِ وڌيڪ وزندار معلوم ٿئي ٿي. حامي مرحوم پنهنجي مضمون "ڪنڊيڑيءَ جا ڪلتار" مر لکيو آهي تہ "ميان غلام شاهہ حرمين شريفين مان هڪ ڪفن آندو هو ۽ ان کي زمزم جي پاڻيءَ مر تر ڪري متبرڪ سمجهي پنهنجي لاءِ رکيو هئائين. مگر سندس وفات وقت ان جي پٽ ميان سرفراز خان[2] اهو ڪفن پنهنجي پيءُ کي ڏيڻ جي عيوض پنهنجي لاءِ رکي ڇڏيو."[3]

انهيءَ واقعي کيس ايڏو تہ متاثر ڪيو جو نہ فقط نوڪري ڇڏي ڏنائين، پر دنيا جي ڏنڊن کان بہ بيزار ٿي پيو ۽ حقيقي مرشد جي تلاش مر نڪري پيو. گهمندي ڦرندي اچي جهوڪ ميران پور پهتو ۽ شاهہ عزت الله جو مريد ٿيو. پورا پنجويهہ سال مٿيون پريائين ۽ چلا ڪيائين. مرشد مٿس مهربان ٿيو. سندس من جون مرادون پوريون ٿيون ۽ سندس دل کي سڪون مليو. پوءِ مرشد کيس وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ چيائينس، " تہ فقير تنهنجي رهڻ جي جاءِ اها آهي. جتي توکي خود بخود روڪ ٿئي ". روحل فقير مرشد جي حڪم موجب هڪ ڳوٺ کان پئي ڳوٺ هڪ شهر کان پئي شهر هلندو رهيو. آخر هلندي هلندي هڪ جاءِ تي سندس پهرياڻ هڪ ڪنڊيءَ جي لام مر اٽڪي پيو. پوءِ فقير ان هنڌ لڏو لاهي ويهي رهيو. ٿوري وقت اندر اتي هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو ۽ اهو ڳوٺ "ڪنڊيڑي" جي نالي سان مشهور ٿي ويو جتي ڪيترائي عشق جا اجايل اچي پنهنجي آڃ لاهڻ لڳا.

ان وقت خيرپور جو حڪمران مير سهراب خان هو. مير صاحب بہ روحل فقير جو معتقد هو. کيس ڪوٽ ڈيجي ويجهو ڪوٽلي مر زمينون ڏنائين. روحل فقير ڪڏهن ڪڏهن مير صاحب وٽ ويندو هو. جتي شادي شهيد ۽ پيا گهٽائي امير ڪبير موجود هوندا هئا. مير صاحب روحل فقير کان سندس صوفياڻو ڪلام وڏي ذوق شوق سان ٻڌندو هو.

روحل فقير سنہ ۱۸۰۴ع مر وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ ڪنڊيڑي مر آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. سنڌ کان سواءِ هند جا بہ ڪيترائي مريد ۽ عقيدت مند اچي حاضر ٿيندا آهن. روحل فقير جي وصال کان پوءِ سندن وڏو پٽ شاهو فقير ثاني گاديءَ تي ويٺو. هُو بہ پنهنجي ٻي وانگر نہ فقط صوفي درويش هو. پر سٺو شاعر بہ هو. نموني خاطر سندس هڪ ڪاي ڏجي ٿي.

موري منڊري مر صاحب آيا.
مين بهون سڪ پايا
تن من سين واري جاوان
ستگر سبد سنايا
پريم پيالا هادي دتا
جس ني جوت جگايا
دسوين دوار رمز رلا ڪي
انحد نار بجايا
ڪهي شاهُو سن گر روحل
چرني سيس ڪپايا

شاهو فقير سنہ ۱۸۱۵ع مر وفات ڪئي. سندس وفات ڪانپوءِ روحل فقير جي ٻئي نمبر پٽ غلام علي فقير فقيراڻي گادي سنياليي. هو هڪ سچو صوفي اهل دل درويش ۽ سهڻو شاعر هو. سندس ڪافيون فني ڪمال جو چٽو ثبوت آهن. فقير صاحب جو سمورو ڪلام صوفياڻو آهي. هتي سندس بہ ڪافيون ڏجن ٿيون.

جلي ويا جولان مر جيئي.
ڪاڻ تنهي ڪُٽن ڪيهي.
عشق عشاقن بسمل ڪر چُمر چايو.
برهہ جي آڑهہ مر جن جيءُ جلايو.
سُوري پائئن سيج سيئي
شاهہ حسن جن تي ڪيو نظارو
مجنون ويڑهن وچ مر فرهاد ڏونگر ڏاريو.
شاهي رانجهن ترڪ ڪيئي
پرڪر جام شهودي پيتائون.

Gul Hayat Institute

کسڻ قبول کربل منجھہ کیائون.

سودا ٹیا سر ڈیئي

آکي غلام علي تکي مون بحردي،
گھبر انھيءَ سي گھرن سڪ جنين قلمزم دي

ماٹھن عبث اھيئي

•

مھاڻيءَ جي من ۾، آھي سمون سدا ساڻ
سميون سپيئي سومريون ھن حسن ۾ ميران
سر جو سودو ست ۾. وڃئون پاڻ نہ آڻ
پرجھي ڏس تون پاڻ ۾. الستي اھجاڻ
چوٽي ڳولين ٽو ميان، آھي سوئي توئي ساڻ
سون مياڻي سون ٽي خزاني جي ڪاڻ
ترڻ تماچي آئيو ھن ککيءَ ھاڻي ڪاڻ
منجھہ ملاحن جي ھادي ھلي آيو ھاڻ
غلام علي صدقي ڪريان، پرين مٽان پاڻ

سندس وفات ۱۸۳۹ع ۾ ٿي. ان ڪانپوءِ سندس فرزند روحل ثاني فقراھي گادي وسائي. اھڙيءَ ريت روحل فقير جي گادي سندس اولاد سنياريندي رھي.

روحل فقير جو ٽيون نمبر فرزند خدا بخش فقير مراد فقير جو پاڻيجو ھو، ھيءُ فقير بہ سٹو شاعر ھو. ھتي نموني خاطر سندس ھڪ ڪاي ڏني وڃي ٿي.

•

آءُ مل پيارا، جيءَ جيارا
سوا يار تنھنجي گوندر گذارا

تنھنجي وڃوڙي، وڏونھوڙي
ھيڪر ھلي آ محب موچارا

راتيون ڏينھان رڙان ٽي، آھون ڪريان ٽي
ڪيا سوز تنھنجي اندر اوتارا

اگڻ آءُ منھنجي، ساڙيو سڪ تنھنجي
ايڏا نہ ڪر يار مون کان پسارا

ڪندين ڪا ٻلائي، ايندين جانب جائي
تنھنجي اچڻ لئہ مان تکيان ٽي تارا

خدا بخش سارون، لھہ تون سنيارو
ديرنہ سنھان ٽي مان، سخن سچارا

سندس وفات ۱۸۴۳ع ۾ ٿي. ڪانئس پوءِ روحل فقير جو ننڍو فرزند دريا خان پڻ مراد فقير جو پاڻيجو ھو. ڪيس شاعري ۽ فقيريءَ وارو فيض پنھنجي پيءُ ۽ مامي کان مليو. روحل ۽ مراد کان پوءِ ھين ڪنڊڙي جي ڪلتارن جي پيٽ ۾ سندس شاعريءَ جو درجو متاھون آھي. ھتي نموني خاطر سندس ڪلام مان ڪافيون ڏجن ٿيون.

•

ميخاني وچ مليا يار، وڃڻ مسيتين کيا مقصد،
ھٿون ھادي جام پيتوسي، ڪھنا ڪيف ڪلال ڏتوسي
تنھين دي خاص خمار، تالان ڪيتوسي تسبيح تھجد
مڪ محراب سڃڻ دي صورت بيرنگي موھيا موھن مورت
بتخاني ڪنون تي بيزار، من مڪان ٽيوسي مسجد
ميخاني وچ مست ٽيوسي، سجد سجائد پل ڪيوسي
آپ اتي آيا اعتبار، ورد وظيفي ٽيوسي سڀ رد
"دريا خان" آپ وچون نہ آٽين، حق سچاڻين غير نہ آڻين،
کول اکين تان ھيئين اظھار، الله مرشد ھڪائي ھي حد.

•

آءُ ڪانگا ڪر ڳالھہ، مون سان تن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي سانگيڙن جي،
بن عمر تنھنجا ماڙيون بنگلا،
ڪُھہ ڪنگڻ ڪنمال.....

پيٽ پھريندين ڪينکي عمر،
ور لوئي سا لال.....

Gul Hayat Institute

آءٌ ڏهاڳڻ جن ريءَ هتڑي.
خوش وسن سي شال.....

دريا خان ماروئڙن ريءَ هتڑي.
هئي هئي ههڑا حال.....

روحل فقير ءِ سندس اولاد جو ذڪر مختصر طور متي ڏنو ويو آهي. هن خاندان جو هڪ ٻيو وڏو شاعر مراد فقير هو. جيڪو روحل فقير جو ويجهو مائٽ ءِ سالو ٻ هو. پنجاب مان لڏ پلاڻ وقت هو روحل فقير سان گڏ هو ڪيس روحاني فيض روحل فقير کان حاصل ٿيو. ڪجهه وقت ڪنڊيڙيءَ ۾ رهي پوءِ اچي ڪوٽلي ۾ رهڻ لڳو. اتي ڪوهه ڪٽائي ميرن کان مليل زمينون اچي آباد ڪيائين. اهو قتل ڪوهه اڄ ٻ زنگيجن جو ڪوهه سڏيو ويندو آهي. سندس وصال ١٧٩٦ع ۾ ٿيو. سندس آخري آرام گاهه ٻ اتي ئي آهي. هتي سندس ڪلام مان هڪ ڪافي ڏجي ٿي.

•

ڪيتئي يار دي نال جو وعيد. ميان
درد والي رک ديد. ميان!
وحدت دي وڻجاري هو ڪي ڏيندي
در در هل من مزيد. ميان!
سردهي سودي سورهيه ڪردي
سولي چڑهه ٿيون شهيد. ميان!
مار مدد ڪون مل ڪر دور ڪرو
چوڙ وڃي يهودي يزيد. ميان
حُب الوطن ايمان اساڏا
مراد ڪرين ايهه عيد. ميان!

مراد فقير بلند پايه شاعر هو. هو سنڌي سرائڪي ءِ هندي کان سواءِ فارسي زبان جو ٻ اعليٰ شاعر هو. سندس فارسي ديوان قلمي صورت ۾ موجود آهي ءِ سندس سنڌي ءِ سرائڪي ڪلام ڇپجي چڪو آهي.

شاعري

سنڌي

هيءَ ٻ هڪ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ هندي شاعري جي شاندار عمارت روحل ئي مضبوط بنيادن تي تعمير ڪئي. ڪانئس پوءِ صوفي دلپت سيوهاڻي پڻ اهو گس ورتو. هو روحل جي هندي سنڌي ءِ سرائڪي ڪلام کان گهڻو متاثر هو. سندس ڪلام ۾ اها ئي ويدانت وائي نظر ايندي. جيڪا روحل جي ڪلام جو اهم جز آهي. ان کان علاوه دلپت ٻ روحل وانگر هندو مسلم ايڪتا جو درس ڏنو آهي. روحل جو هڪ بيت آهي:

ڪفر ءِ اسلام ۾ ٽا پرن ابتا پير.
هڪ هندو ٻيو مسلمان. ٽيون وچ وڃائون ويرُ.
انڌن اوندهه نه لهي. تن کي سچ چوندو ڪير؟
پر روحل راهه پرين جو. جان گهڙي ڏنو سون گهيرُ.
رب مڙي ۾ هيڪڙو. جنهن ۾ ڪُند نه ڦيرُ.
سا ڪاڏي ڪندي پيرُ. جا سُتي ڪعبته الله ۾.

ان بيت کان متاثر ٿي دلپت ساڳئي قافيي ۾ هي بيت چيو:

چاکي وڏو پاڻ ۾. ترکن واڻين ويرُ.
جي پير ۾ پاڻ ڏٺي. تان ڪرڙ ۾ ڪيرُ.
ڪڪ پن ۾ پڏرو آهي. پريان سندو پيرُ.
انڌا. ڪاڻا ڪينڪي. لهن هن ٻونءِ جو پيرُ.
ڪو سجو پسي سيرُ. دلپت چوي دوست جو.

روحل شاهه لطيف جو شيدائي هو. سندس لنوَ لنوَ ۾ لطيفي لات لڪل هئي. پنهنجي هڪ سي حرفي ۾ فرمائي ٿو:

لنوَ لنوَ دي وچ لات لطيفي اور نه ڪوئي ٻولي.

لطيفي فڪر کان متاثر ٿي. هن پنهنجي ڪن بيتن ۾ اها ئي لات بيان ڪئي آهي. شاهه لطيف فرمائي ٿو:

وڃين چو وٽڪار. هت نه ڳولين هوت ڪي.
لڪو ڪين لطيف جئي پاروچو ٻئي پار.

Gul Hayat Institute

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

اها ساڳي ڳالهه ساڳئي قافيي ۾ روحل هن ريت بيان ڪئي آهي:

هڏان جان ٻيهار، تان تون اکين کان ٻي اوڏرو،
"روحل" وسين روح ۾، وڃ نه ٻانهيان وار،
جيئن جو سڄ صبوح جو، ٿو ڪري باغ بهار،
بيت نه ٻانڍجو ماڻهوءَ! هي وحدت جو ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين سين.

شاه ٻڌائي فرمايو:

بيت نه ٻانيو ماڻهوءَ هي آيتون آهين.

روحل انهيءَ رنگ ۾ هڪ مصراع چئي اهو اظهار ڪيو ته سندس بيت وحدت جو ويچار آهن:

✓ بيت نه ٻانڍجو ماڻهوءَ، هي وحدت جو ويچار

بيشڪ روحل وحدت واري وات جو پانڌيئڙو هو. هو ٻين کي پڻ وحدت واري وات وڻڻ ۽ انهيءَ رمز ۾ رهڻ جي هدايت ڪري ٿو. چوي ٿو ته ان کان سواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي فرمائي ٿو:

وحدت واري وات وڃ تون
وٽي نه آڇ وار
"روحل" رهجان رمز انهيءَ ۾
ٻي سڀ ڪوڙي ڪار

هو ٻڌائي ٿو ته مڙو محبوب تنهنجي من ۾ موجود آهي. اهو ته روح ۾ رهي ٿو. وڻ ٽڻ ۾ هڪڙي ئي وائي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، فرمائي ٿو:

سڄڻ مون پرکيو، رهيو اندر روح،
رهيو اندر روح سٽيان، سنجهه صبوح،
وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
پريان جي پاڻهه.

سرائڪي

سنڌ ۾ سرائڪي شاعري ڪڏهن شروع ٿي، ان لاءِ پڪ سان ڪجهه ٻه نه چئي نه ٿو سگهجي. حضرت شاهه عبداللطيف ٻٽائي جي آڳاٽن نسخن "گنج" کان وڌي ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ هير رانجهي جا بيت موجود آهن، پر انهن بيتن لاءِ يقين سان ڪا ڳالهه چئي نه ٿي سگهجي ته اهي ڪنهن جُدا چيل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ آهي ته اهي بيت ديري غازي خان جي هڪ شاعر "نورنگ لغاري" جا چيل آهن. بهرحال شاهه لطيف جي دور کان سنڌ ۾ سرائڪي شاعريءَ جو رواج هو. ضرور ڪنهن شاهه سائين جي محفل ۾ اهي بيت چيا ۽ مجلس ۾ موجود فقيرن اهي ياد ڪري رسالي ۾ شامل ڪيا.

ادبي تاريخ جي ايياس مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ سرائڪي شاعريءَ جو مضبوط بنياد روحل وڏو ۽ ان کي پنهنجي ذات ۽ ڏانوءَ سان وڏيڪ سهڻو ۽ سگهارو ڪيو. روحل کان اڳ اسان کي سنڌ ۾ سرائڪي جو ڪو بلند پايه شاعر نظر نه ٿو اچي. هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ سرائڪي سي حرفي جو رواج به روحل ئي وڏو نه ته ان جو رواج ملتان ۽ بهاولپور واري پاسي سرائڪي خطي ۾ هو.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌ ۾ سرائڪي شاعريءَ کي روحل ۽ سندس خاندان جي ٻين شاعرن وڏي ترقي ڏني. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته، روحل جو سوٽ مراد فقير، روحل جا فرزند دريا خان، خدا بخش، غلام علي ۽ شاهو سرائڪي جا سهڻا شاعر هئا. روحل جو پوٽو نظر علي ۽ ان جو پٽ در محمد مسڪين ۽ فقير محمد حسن سرائڪي ۾ شعر چيو آهي. مطلب ته هڪ ئي خاندان جا شاعر اٽڪل ٻه صديون شاعريءَ وارو ڏيو روشن ڪندا آيا. هنن سرائڪي کان علاوه سنڌي ۽ هندي فارسي ۾ پڻ ڪلام چيو. هن خاندان جي شاعرن ۾ روحل، مراد ۽ دريا خان جو درجو بلند آهي. سندن ڪلام هند سنڌ ۾ پيو ڳائجي.

روحل جي سوانح ۽ ڪلام مان چٽيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ صاف دل صوفي هو. سندس ڪلام ۾ اخلاق ۽ نصيحت جا نڪتا نمايان نظر اچن ٿا. هتي نموني خاطر ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. پنهنجي

Gul Hayat Institute

هڪ سي حرفي جي شروع ۾ ئي نصيحت ڪندي چئي ٿو تہ پنهي جو فرض آهي تہ هر دم پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي ياد ڪندو رهي جو تہ الله تعاليٰ جي بابرڪت نالي کانسواءِ بي ڪوڙي ڪمائي آهي. دنيا کي رزيل رن سڏيندي ٻڌائي ٿو تہ اها مڪار ۽ ڏوتي آهي. جنهن انهي رزيل رن کان منهن موڙيو. تنهن جڏ منزل ماڻي فرمائي ٿو:

الف - الله دي نالي ٻاجهون. ڪوڙي هور ڪمائي.
دنيا ڏوتي سڀ جڳ موهيا. تيڪون سمجهه نہ آئي.
نال رزالي لاتئي ياري. ڏاريئي جاڻ نہ ڪائي.
جنهن اهين رن ڪنون منهن موڙيا. "روحل" راهہ حقيقي پائي.

روحل پنهنجي هڪ ٻي سي حرفي ۾ نصيحت ڪندي ٻڌائي ٿو تہ اي غافل انسان! هيءَ ڄڻڪ ڏينهن جي مختصر زندگي اجاين خيالن ۾ نہ گذار. هر وقت الله کي ياد ڪندو رهہ. هيءَ دنيا ڏوتي آهي. انهيءَ جي مڪر کان هوشيار ٿي ۽ غفلت ڇڏي تون فقيري راهہ اختيار ڪر:

الف- الله ڪر ياد سدا. نت وحدت وچ گذارين.
جيوڻ دي هن چار ڏهاڙي. خام خيال نہ گهارين.
ايهہ دنيا ڏوتي سڀ جڳ موهيا. چيت چلين مت هارين.
"روحل" راهہ فقيري دي وچ. غفلت منڻون وسارين.

هو طنز ڪندي چئي ٿو تہ توکي ڪوڙ ڪمائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. افسوس! تون برن سان سنگت رکي نموني بازي ڪري محض ڏيکاءُ خاطر جسم کي ٻيوت لائين ٿو. اي غافل! تون پنهنجي امل حياتيءَ جو ڪو قدر نہ ٿو ڪرين پنهنجو وقت اجايو وڃائين ٿو. الله کي ياد ڪر تہ تنهنجو خير ٿئي. ڇاڪاڻ تہ ان کان مٿي ٻيو ڪو نالو ڪونہ آهي. فرمائي ٿو:

ض - ضرورت تيڪون ڪهڙي. ٻيٻا ڪوڙ ڪماوين
نال بران دي صحبت تيڏي. ٻيٻا انگ ٻيوت لڳاوين
امل حياتي قدر نہ جاڻين. ناحق ويل وڃاوين.
روحل نانءُ الله دي ٻاجهون. ڪوئي خير نہ پاوين.

پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم

جن جي صفت ۽ ساراهہ بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ پنهي جهانن جي سردار جي محبت جي طفيل الاهي اسرار معلوم ٿيا. پاڻ ساري عالم لاءِ رحمت بڻجي آيا. سندن مانُ ۽ مرتبو عرش کان بہ مٿانهون آهي. ساري جڳ ۾ سندن شرف ۽ شان بلند ۽ بالا آهي. فرمائي ٿو:

ميم- موج محمدي اندر پاتم سارا سرّ الاهي
رحمت عالم بڻ ڪي آيا. ڏينڊا جڳ گواهي.
عرشوئن منزل بالا تنهن دي جت اور نہ پهت راهي
"روحل" اشرف عالم اندر. بيشڪ ميڏا ماهي.

روحل ٻڌائي ٿو تہ دل سان ڪلمون پڙهڻ گهرجي. ماٺو ڪلمون پڙهن ٿا. ان جي معني نہ ٿا ڄاڻن. جيڪڏهن دل سان ڪلمو پڙهن تہ سندن سڀ سور هڪ لحظي ۾ لهي وڃن ۽ سکن جي سيج ماڻين. اهڙا انسان ڪنهن جا محتاج نہ رهندا ۽ وحدت جا وڻجارا بڻجي حقيقي اسرار سڃاڻي سگهندا.

زي - زباني ڪلمان پڙهندي. مول نہ معني ڄاڻن.
جنهان ڪلمان دل دا پڙهيا. سيج سڪان دي ماڻن.
"لا يحتاج" گذارن هر دم. وائي اور نہ واڻن.
وحدت دي وڻجاري بڻڪي. "روحل" سير سڃاڻن.

روحل هڪ سچو عاشق هو ۽ هن عشق کي هر چيز کان افضل ۽ اعليٰ ٿي سمجهيو ۽ عشق کان سواءِ عمر اجائي ٿي سمجهي. هو چوي ٿو تہ عشق ئي مذهب آهي. عشق ئي ملت آهي ۽ عشق ئي عبادت آهي. فرمائي ٿو:

ي - يقين دي منزل ڄاڻين عشق حقيقت. عشق طريقت.
عشق بنان ايهہ عمر اجائي. عشق هي عالم عشق هي دولت.
ڄاڻ انهين ڪنون منهن ناموڙين. عشق هي مذهب عشق هي دولت.
روحل قول اهو نا فاسد. عشق عبادت عشق هي طاعت.

روحل جي ڪافين ۾ تصوف جي نڪتن عشق ۽ محبت واري معنيٰ جي موتين کان علاوه من موهيندڙ موسيقي پريل آهي. روحل جون سموريون ڪافيون لڪ لهن پر سندس هن ڪافي کان گهڻائي شاعر متاثر ٿيا. سچل

Gul Hayat Institute

سرمست جهڙو عظيم شاعر به متاثر ٿيو. روحل جي ڪافي جو ٽلهه ۽ به بند پيش ڪجن ٿا.

نينهن لڳا من پياري دا،
پياري دا، ڪلنگي واري دا.

- پنهان لوڪان نون موت مريندا،
عاشق قتل نظاري دا.

- چن ڪڙيا سارا عالم ويڪي،
مين ويڪان رُخ پياري دا.

روحل پنهنجي ڪلام ۾ بار بار پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي. پنهنجي هڪ ڪافي ۾ هو ٻڌائي ٿو ته مان اڻ ڄاڻائيءَ وچان پنهنجي پرينءَ کي جهنگلن جبلن ۾ ڳولينڊو رهيس. پر پوءِ پتو پيو ته منهنجو محبوب منهنجي من ۾ وسي ٿو. انهيءَ اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

سئيان ڙي مين ايءُ نه ڄاتا ڄاڻ، وسدا دل وچ

مين متوالي ٻاهر ڊونڊيندي
جهنگل روهه پئي ووڙيندي
شهر رانجهن دي ڪاڻ..... وسدا دل وچ

هندي

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته صوفي روحل فقير وحدت الوجود جو قائل هو. سندس سمورو ڪلام انهيءَ فڪر سان ڳريل آهي، سندس ڪلام تي ڪجهه لکڻ کان اڳ ضروري آهي ته ان نظريي جي تاريخ ۽ تشريح بابت ٻه اکر لکيا وڃن.

وحدت الوجود جو نظريو ڇو، ڪڏهن، ۽ ڪيئن، پيدا ٿيو؟ ان لاءِ جيڪڏهن اسان اسلامي تاريخ تي نظر وجهنداسون ته معلوم ٿيندو ته خلافت راشده (٦٦١-٦٣٢ع) ڪانپوءِ بنو اميه جي دور (٧٤٩-٦٦١ع) ۾ تمام گهٽا ملڪ فتح ٿيا. نتيجي ۾ غنيمت جو مال گهڻو گڏ ٿي ويو. دولت ڀڃڙي شيءِ آهي، تنهنڪري ڏن دولت جي گهٽائي اسلام جي سياسي نظام ۾

خاص تبديلي پيدا ڪئي. خليفا مسجد ۽ حجرو ڇڏي عاليشان محلاتن ۾ رهڻ لڳا ۽ منبر بجاءِ عاليشان تخت تي ويهڻ لڳا. اڳ خليفي سان ڪنهن به وقت ڪوبه ماڻهو ملي ٿي سگهيو، پر هينئر محلات جي در تي دربان بيهاريا ويا. خلفاءِ راشدين جي دور ۾ خليفن سگورن جو جيڪو عوام سان گهرو تعلق هو، سو ختم ٿي ويو. خلافت جي جاءِ تي ملوڪيت اچي وئي. معاويه جي وفات کان پوءِ يزيدي دور اسلامي تاريخ جو اونداهو دور آهي. ماڻهن سان ڏاڍا ظلم ٿيا. ڪربلا وارو قهري قضيو ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو نيڪ دل مسلمان بيزار ٿي ويا ۽ هنن وقت جي حڪومت سان پنهنجا تعلقات ٽوڙي ڇڏيا. سندن قهري ڪارروايون ۽ عيش عشرت واري زندگي ڏسي عوام ڪانئن بيزار ٿي ويو. ڪي الله جا پيارا ٻانها دنيا جي ڏنڊن کان دور ٿي گوشي نشين ٿي ويا جن کي بعد ۾ صوفي سڏيو ويو. هنن ظاهري ڏيک واري عبادت جي بيٺ ۾ ان ڳالهه تي وڌيڪ زور ڏنو ته سينو صاف رکجي ۽ اندر اُجاري اچو ڪجي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح فرمايو:

روزا نمازون، ايءُ پٽ چگو ڪم
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي

ٻئي هنڌ فرمايو اٿن:

اندر ٽون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا

انهن ڳالهين سبب ڪيترائي نوان نظريا پيدا ٿيا، جن مان هڪ نهايت ئي اهم نظريو "وحدت الوجود" آهي.

وحدت الوجود واري نظريي جو مختصر لفظن ۾ مفهوم اهو آهي ته خدا کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ موجود ڪانه آهي. يا ڪٽي ائين چئجي ته جو ڪجهه موجود آهي، سو سڀ خدا ئي آهي. اهلِ ظاهر خدا کي ڪائنات جي سلسلي کان ڌار نه ٿا سمجهن. يعني ڪائنات جي مختلف شين ۽ انسانن ۾ ڪو فرق نه آهي. جو فرق آهي، سو ظاهر ۾ آهي. پر باطن ۾ بلڪل نه آهي.

تاريخي لحاظ سان وحدت الوجود جو نظريو مسلمان صوفين ۾ ٽين صدي هجري جي پڇاڙيءَ ۾ قائم ٿي چڪو هو. پر ان کي ڇهين ستين

Gul Hayat Institute

هجري ۾ فلسفہ پُسند صوفين جي هڪ جماعت وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو. هنن تصوف کي فلسفي جي رنگ ۾ رڱي. هڪ الڳ الاهيات جو فڪري نظام قائم ڪيو. انهن ۾ ابوالفتح شهاب الدين (م ۵۸۷هـ) ابن عربي (م۶۳۸هـ) ابن فارض (م۶۳۲هـ) ابن سبعين (م۶۶۸هـ) ۽ عفيف الدين (م ۶۹۰هـ) ۽ سندن ساٿي گهڻو مشهور آهن. پر جنهن بزرگ ان عقيدي جي تمام گهڻي تبليغ ڪئي ۽ جنهن جي هٿان هيءُ فلسفو مڪمل ۽ مضبوط ٿيو، سو شيخ محي الدين ابن عربي آهي. جنهن کي شيخ اڪبر سڏيو ويندو آهي. ابنُ عربي جي تبليغ وحدت الوجود واري نظريي کي اسلامي عقيدي جي حيثيت ڏني. شيخ اڪبر جي ولادت ۵۶۰هـ ۾ اسپين ۾ ٿي. هن مشرق ۽ مغرب جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير سفر ڪيو. سندن وفات ۶۳۸هـ ۾ ٿي ۽ سندن آخري آرام گاهہ دمشق ۾ آهي. ابن عربي جي تصنيفات ۾ "فصوص الحڪم" ۽ "فتوحات مڪيہ" کي مڙني کان وڌيڪ شهرت ملي. سندن عقيدن ۽ نظرين بابت انهن ٻنهي ڪتابن مان ڪافي معلومات ملي ٿي.

ابن العربي جا اهي ٻئي ڪتاب جڏهن سنڌ ۽ هند ۾ پهتا تہ اهي سڄاڻ عالمن کي وٹي ويا. هنن انهن جون شرحون لکيون ۽ وحدت الوجود واري نظريي کي زور وٹرايو. هيءُ اهو زمانو هو. جڏهن هندوستان ۾ مسلمانن جي حملن سبب مقامي قوتون ڪمزور ٿي چڪيون هيون ۽ ظاهريءَ طور انهن جو اپرڻ ۽ وري طاقت ۾ اچڻ مشڪل نظر اچي رهيو هو. اهڙين حالتن ۾ انسان دوست مسلمانن خانقاهون آباد ڪري انسان دوستيءَ جو پرچار ڪيو. جنهن ڪان نہ فقط مسلمان، پر هندو بہ متاثر ٿيا. ڪيترائي هندو، مسلمان صوفين جا عقيدت مند بڻجي ويا ۽ اهڙيءَ ريت ڀڳتي تحريڪ شروع ٿي. ساڌو سنتن مندر چڏي وڃي مَٹ[6] آباد ڪيا.

جڏهن هند ۽ سنڌ ۾ اسلامي تصوف مقبول ٿيو تہ هندو ڌرم ۾ هڪ انقلاب آيو. ان ۾ نئين سوچ ۽ نئون فڪر پيدا ٿيو. مثلاً سڀني انسانن سان محبت ڪرڻ، ذات پات واري غير انساني رسم ۽ رواج کان نفرت ۽ بيزاري ۽ انساني ٻائيچاري واري نظريي کي پسند ڪرڻ وغيرہ. هوريان هوريان سڄاڻ هندن اسلامي عقيدن جا ٻيا عناصر هندو مذهب ۾ سمائي چڏيا. جيڪي ڀڳتي تحريڪ جا معتقد هئا، تن کي صوفيت يا اسلامي

تصوف ۾ ڪيترين ئي سٹيون ڳالهيون نظر آيون.

هيءَ هڪ اتفاقي ڳالهہ آهي تہ هندن ۾ ڀڳتي تحريڪ پهريون ڀيرو هندستان ۾ ان وقت پيدا ٿي، جڏهن وحدت الوجود جا حامي اهو عقيدو مسلمانن ۾ مقبول ڪرڻ ۾ مصروف هئا. اهڙيءَ ريت ٻئي تحريڪون رلي ملي هڪ ٿي ويون ۽ ان جي نتيجي ۾ اهو سمجهيو ويو تہ جيڪڏهن ظاهري طور نہ سهي، پر اندروني طور سمورا مذهب هڪ آهن.

ائين صدين ۾ هندومت ۾ زوال آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. مشهور هندو مفڪر شنڪر آچاريہ. (۸۶۸-۷۸۸) مالا بار ۾ پيدا ٿيو. هن هندن کي ٻنهي، فسفياڻي ۽ منطقي انداز سان سمجهايو تہ اسلام ۽ هندو مت هڪ آهن. شنڪر آچاريہ جيڪو خدا جو تصور پيش ڪيو هو، ان جو مقصد عبادت ڪرڻ هو. اسلام هڪ رحيم ۽ مهربان خدا جو تصور پيش ڪيو. جيڪو مخلوق سان محبت ڪري ٿو ۽ مخلوق ان سان محبت ڪري ٿي. ان تائين پهچڻ جو ذريعو ڀڳتي، عبادت ۽ رياضت ئي هو. اسلام جي اثر هيٺ گهڻي کان گهٹا ماڻهو "ڀڳتي مارگ" جا قائل ٿي ويا.

هندوستان ۾ چشتيہ سلسلي جا بزرگ وحدت الوجود واري عقيدي جا پوئلڳ هئا. هندوستان ۾ سڀ کان پهرين مسعود بڪ هن نظريي جو پرچار ڪيو. جيڪو فيروز تغلق جو همعصر ۽ مائٹ هو. ان جا عقيدت مند ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. سندس وڌندڙ مقبوليت ڏسي فيروز تغلق فتوا باز ملن کان هن جي خلاف ڪفر جي فتويٰ جاري ڪرائي ۽ ڪيس سرِعام قتل ڪيو ويو.

شنڪر آچاريہ ڪانپوءِ رامانج (۱۰۳۷-۱۱۳۷) دکن ۾ ڀڳتي تحريڪ کي زور وٹرايو. کانئس پوءِ رامانند (۱۲۹۹-۱۴۰۱) ڀڳتي تعليم جو پرچار ڪندي هڪ ڌار پنٿ قائم ڪيو. جنهن جو بنيادي اصول هن هيءُ رکيو تہ سمورا انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن. برهمڻن جي تعليم خلاف هن پنهنجي پنٿ ۾ گهٹ ذات وارن کي بہ ان ۾ داخل ڪيو ۽ سڀني کي هڪ جيترو درجو ۽ عزت ڏني. رامانند جي چيلي ڀڳت ڪبير (۱۴۸۸-۱۵۱۷ع) هيءُ نظريو پيش ڪيو تہ بندي جي خدا سان محبت تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن هو پاڻ کي مذهب جي خانن ۾ نہ ورهائي. هن دعويٰ ڪئي تہ ڇوٽڪارو هر

Gurmayat Institute

شخص لاءِ ممڪن آهي. پر شرط اهو آهي تہ سندس دل ۾ الله جي محبت پيدا ٿئي ۽ ان لاءِ ڪنهن مذهب جي پابندي ضروري نہ آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ هندي ٻوليءَ کي ادبي مقصدن لاءِ مسلمانن ٿي استعمال ڪيو جو تہ روز مرہ جي انهيءَ ٻولي کي برهمڻن ناشائستہ زبان سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ صوفي سونهارن جون اهي قيمتي تصنيفون زماني جي لاهن چاڑهن کان گهٽي ياگي بچي ويون. هنن هندي زبان جي ذريعي امن، انسان دوستي ۽ پائيچاري وارو پيغام هندو گهراڻن تائين پهچايو. مسلمان صوفي شاعرن جو اهو ئي مقصد هو. جنهن لاءِ هنن هندي زبان ۾ شعر چيو ۽ ان جو معيار بلند ڪيو. مسلمان صوفي شاعر. عربي فارسي جا تہ عالم هئا. پر کين هندي تي بہ عبور حاصل هو. هنن نين تشبيهن ۽ استعارن سان هندي شاعري کي مالا مال ڪيو. هنن اتان جي جبلن، درياهن، موسمن، ريتن رسمن مطلب تہ سڄي ماحول کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. صوفين جي سماع واري محفل ۾ هندي دوها پڙهيا ويندا هئا. جنهن کي "ڪيرت" چيو ويندو هو. هڪ پيري بنده نواز گيسو دراز کان ڪنهن سوال ڪيو تہ، "سائين! صوفي سڳورا هندي کي ايترو چو ٿا پسند ڪن؟" وراڻيائون تہ، "ڪنهن زبان ۾ ڪا اهڙي خوبي هوندي آهي، جيڪا بين ۾ ڪانہ هوندي آهي. هندي تمام مٺڙي سهاڄهي ۽ نرم نازڪ زبان آهي. ان جي موسيقي ۾ سوز ۽ گداز آهي. جيڪو هڪ دم دل تي اثر ڪري ٿو".

حضرت امير خسرو کان اڳ پنجاهہ ورهيہ پوءِ ملا دائود "چندائن" نالي هڪ مثنوي لکي جنهن جو ملا عبدالقادر بدايوني "منتخب التواريخ" ۾ ذڪر ڪيو آهي. ان کانپوءِ ان طرز تي ٻيون بہ مثنويون لکيون ويون. مثال طور: قطبن جي "درگاوتي" ملڪ الشعراءِ ملڪ محمد جائسي جي "مڌومالتي" عثمان جي "چتراولي" ۽ شيخ نبي جي "گيان ديپ" مشهور مثنويون آهن.

وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هندي ۾ شعر چوڻ وارا وڏا صوفي بزرگ ۽ شريعت جا صاحب عالم هئا. سندن وڏي عزت هئي، ۽ ڪنهن بہ مسلمان سندن ٻڌتي شاعريءَ تي ڪو اعتراض ڪونہ ڪيو. انهن کان علاوه هڪ وڏو صوفي شاعر حضرت عبدالقدوس گنگوهي (۱۴۶۱-۱۵۳۷) آهي،

جيڪو مشهور ديني عالم هو. هو هندي جو وڏو شاعر هو. سندس تخلص "الڪداس" هو. سندس هندي دوهن جو ڪتاب "الڪ ٻاڻي" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي "رشد نامو" پڻ سڏيو ويندو آهي.

ان ئي دور جو مشهور شاعر گرو نانڪ (۱۴۶۹-۱۵۳۸) آهي جنهن هندي شاعريءَ جي ان روايت کي سگهارو ڪيو، جنهن جي ٻاڻي ۾ فارسي، پنجابي ۽ برج ٻاشا جو سنگم نظر اچي ٿو. نانڪ جي شاعريءَ ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ هو اسلامي تصوف کان گهڻو متاثر آهي.

نانڪ جي لاڳاٽي کان ڇهہ سال پوءِ دادو ديال (۱۵۴۴-۱۶۰۳) پيدا ٿيو. سندس جنم گجرات ۾ ٿيو. پر هن پنهنجي زندگي جو وڏو حصو راجستان ۾ گذاريو. هن گجراتي مراٺي، مارواڙي، سنڌي هندي ۽ فارسي زبانن ۾ شعر چيو. دادو ديال لاءِ چيو ويندوآهي تہ هو مسلمان هو ۽ سندس اصل نالو دائود هو. هو اڪبري دور جو بلند پايہ شاعر هو. ان دور جو هڪ ٻيو وڏو شاعر عبدالرحيم خان خانان پڻ هو، جنهن هندي، سنڌي ۽ فارسي ۾ شعر چيو. افسوس جو عبدالرحيم (رحيمن) جو فارسي ۽ هندي ڪلام تہ ملي ٿو، پر سندس سنڌي ڪلام زماني جي لاهن چاڑهن سبب گم ٿي ويو. يا ڪنهن مڙهيءَ ۾ پيل هجي، جنهن جي اسان کي ڄاڻ ڪانہ آهي.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ صوفي سڳورن جي سماع واري محفل ۾ فارسي ۽ سنڌي کان سواءِ هندي ڪلام پڙهڻ وڏي ذوق ۽ شوق سان پڙهيو ويندو هو. سنڌي ادبي تاريخ ٿي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ قاضي قادن کان وٺي فقير هدايت علي نجفي تائين هندي شاعريءَ جو ٿورو گهڻو اثر هر دور ۾ نظر ايندو. شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات بيان العارفين ۾ آيل آهي:

"فرمايائون تہ تصوف (سلوڪ جي وات) جو ڪنهن پرو پاند نہ لڏو آهي. سڀ ان جي ڄاڻ ۾ عاجز آهن. جي ڪو چوي ٿو تہ آءٌ اهو علم ڄاڻان ٿو، تہ پڪ ڄاڻجو تہ ان کي ڪي بہ نہ ٿو اچي.

آهي اهجائو، پيرُ پريان جو جيڏيون،
جنين ساجائو، تنين تان نہ پروڙ ئو.

پوءِ هي هندي بيت پڙهيائون.

Gul Hayat Institute

اي سمنا گاٹ پريم کي، پڙي جو کيسي پيرِ
ايھ کولي کلي نھين، سڀ جڳ رھيا اُديھ

ترجمو: اي سمن! پريم جي گنڍ اھڙي طرح ڏني پئي آھي، جو کولڻ سان پڻ نه ٽي کلي. سارو عالم ان جي کولڻ ۾ عاجز آھي.

هيءَ هڪ تاريخ حقيقت آھي ته صوفين واري سماع جي محفل ۾ هندي دوها وڌي ذوق شوق سان پڙهيا ويندا هئا. ان جو هڪ مثال متي ڏنو ويو آھي. ٻيو ثبوت شاھ عبداللطيف ٻٹائي جو رسالو آھي، جهن ۾ ٻيراگ هندي جي عنوان هيٺ هندي دوها ڏنل آهن.

سندس هندي کلام پڙهڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو ته روحل فقير کي پڳٽ کبير داس سان وڏي عقيدت ۽ محبت آھي: پنهنجي هڪ شبد ۾ چوي ٿو:

مون مين سکل شکل سون نيارا
مين داس کبير کهايا

يعني مان سڀ کجھ آھيان، جنهن کي کابه شکل نه آھي، مان پاڻ کي کبير جو ٻانهو چورايان ٿو. انهيءَ شبد جي آخر ۾ چئي ٿو:

کهت "روحل" هم روحل پي ناهين
کبير روپ همارا

يعني روحل چوي ٿو ته مان روحل به نه آھيان، اسان جي صورت کبير جي صورت آھي.

پڳٽ کبير پنهنجي هڪ دوهي ۾ الله جي وحدانيت بيان ڪندي سڀ سيکاري ٿو ته محبوب تنهنجي من ۾ ائين موجود آھي، جيئن گل ۾ خوشبوءِ تون اجايو باهر ٻوڙندو رهين ٿو. هو توکي هٿ نه ايندو. اهو ته رُڃَ ۾ رُلڻ آھي، اهو الک جنهن کي کابه صورت نه آھي، هميشه جيئڻ وارو ۽ فنا نه ٿيڻ وارو تنهنجي دل ۾ئي موجود آھي: فرمائي ٿو:

کاهي کو پرهت بانوري، اوهه تو تيري پاس هي
وه ويا پک تيري مانهين، ڦولون مين جيسي باس هي

باهر کو دوڙي هاٽ نه آوي، مرگهه ترشنا کيل،
الک امورت، امر ابناسي، تو مانهين پرکاس هي.

روحل فقير به پڳٽ کبير واري اها واٽ وٺي اهو ساڳيو سهڻو سبق هن ريت ڏنو آھي.

اپنا روپ پچان، سمجهه من درسن پيهي
کستوري وسي مرگهه کي مانهين
بن ٽن ڍونڍي، سونگهي تانهين
هوءِ رهيا حيران

هو چئي ٿو ته پنهنجو پاڻ سڃاڻ. اي دل! سمجهه ته اهو ئي سچو ديدار آھي. مشڪ هرڻ جي اندر موجود آھي، مگر هو ان خوشبوءِ کي بيابانن ۾ ڳولينڊو ٿو وتي، هو اهڙي ريت حيران پريشان آھي.

مطلب ته سنڌ جي صوفي شاعرن سنڌيءَ کان علاوه هندي ۾ شعر چيو، ان جي ذريعي امن، انسان دوستي ۽ ايڪتا جو درس ڏنو. روحل به انهن مان هڪ هو. سندس سنڌي، هندي ۽ سرائڪي کلام ادبي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

---

[1] ڪنڊڙي وارن جو کلام: مقدمو ص-۴، ۵: سنڌي ادبي بورڊ

[2] سرفراز جو موت جنهن نموني ٿيو، ان مان اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته اهو ڪفن ڪيس به نصيب نه ٿيو. قيد ۾ ٻنهي پيءُ پٽ کي قتل ڪيو ويو. دنيا جي طالبن لاءِ اهو واقعو عبرت انگيز آھي.

[3] وکريل موتي ص: ۳۰

[4] فقير دريا خان جو کلام محترم نياز همايوني وڏي محنت ۽ محبت سان سهيڙيو. اهو "آءُ کانگا کر-ڳالهه" عنوان هيٺ سنڌي ادبي بورڊ پاران سنه ۱۹۹۲ع ۾ ڇپجي چڪو آھي.

[5] تفصيل لاءِ ڏسو لطف الله بدوي جو لکيل ڪتاب "ڪنڊڙي وارن جوڪلام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

[٦] اهو هنڌ جتي هڪ مهنت جي ماتحت گهٽائي ساڏو رهندا هجن يا ان کي خانقاهه، ڏرمسالو ۽ تعليم گاهه بہ چئي سگهجي ٿو. قاضي قادن جو کلام بہ اهڙيءَ هڪ مَٺ مان مليو. جيڪو هند جي هڪ اديب هيري ٺکر ايڊٽ ڪري پنهنجي عالماڻي مقدمي سان هندوستان مر چپرايو. تازو ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڌيڪ تحقيق ڪري "قاضي قادن جو رسالو" جي عنوان سان عاليشان کتاب تيار ڪيو. جيڪو سنڌالاجي پاران چپجي چڪو آهي.

[٧] شاهه ڪري بلڙيءَ واري جو کلام (ٻيو چاپو)عمر بن محمد داؤد پوٽو ص-١١٨.١٧ شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز پٽ شاهه ١٩٧٧ع

نوٽ: محسن عباسي صاحب جي مهرباني، جنهن هندي کلام نقل ڪرڻ مر مدد ڪئي. (شوق)

ڈاڪٽر مرليڌر جيٺلي

روحل فقير جو هندي کلام

ڪنڊڙي جوسنت روحل فقير اُنهيءَ ڪلهوڙا حڪومت واري زماني ١٧٠١ - ١٧٨٢ع مر پيدا ٿيو. جنهن کي عالمن "سنڌي ادب جو سونهري دوڙ" سڏيو آهي. سنڌي ٻولي ارتقا جون الڳ الڳ منزلون پار ڪري هن زماني مر انهيءَ اوج کي وڃي رسي. اُنهيءَ مر جدا جدا موضوعن تي عالمر ڪتاب لکڻ لڳا. ديني ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت جو واهڻ، فارسيءَ بدران مادريءَ زبان سنڌيءَ کي ٻڌايو ويو. انهيءَ مر "سنڌيءَ" جي خاص نالي سان ڇڳي تعداد مر نظم مر ڪتاب لکيا ويا. عربيءَ ۽ فارسيءَ مان سنڌيءَ مر ڪتابن جي ترجمن جو سلسلو بہ هن دوڙ مر شروع ٿيو. سنڌ جي سُگهڙن شاعرن ۽ ڳالهين ڪٿندڙن، عوامي آکاڻن قصن کي نئين سر سنڌي بيتن مر بيان ڪيو، تہ ٻئي طرف صوفي سالڪن اهڙن قصن جي آڌار تي اعليٰ معيار وارا بيت رچي عوام کي توحيد ۽ طريقت، ايمان ۽ اخلاق جو پيغام ڏنو. سنڌي اساسي شاعري مڪمل طور اوج کي وڃي پهتي، جنهن جي ساک اسان کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي کلام مان ملي ٿي.

ڪلهوڙا حڪومت جي دوڙ مر فارسي شاعريءَ جي روايت بہ ڪنهن حد تائين جاري هئي، ڇاڪاڻ تہ ان زماني مر راج، ڪاروبار جي زبان فارسي ٻولي هئي. ڪن عالمن سنڌ جي تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي فارسيءَ مر بہ ڪتاب لکيا. انهن جو تفصيلوار ذڪر اسان کي ادب جي تاريخ تي لکيل ڪتابن مر ملي ٿو.

ڪلهوڙن جي حڪومت واري زماني مر سنڌ مر هڪ ٻي بہ ادبي ڌارا نظر اچي ٿي. اها آهي هنديءَ مر پکٽي شاعريءَ جي شروعات. سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙن عالمن خبر نہ آهي تہ انهيءَ اهم ادبي ڌارا کي ڇو نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. لطف الله بدويءَ، ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي ۽ ڪن ٻين اِن طرف اشارو ڪيو آهي، پر انهيءَ رجحان جي تفصيلوار چنڊ ڇاڻ نہ ڪئي آهي. موجوده معلومات موجب سنڌي مر روحل فقير پهريون درويش آهي، جنهن هندي شاعريءَ جي پکٽي ٻاونا واري ڌارا کان متاثر ٿي نہ فقط

Gul Hayat Institute

سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ اهڙو شعر چيو آهي. پر هندي پولُيءَ ۾ به چار ڪتاب لکيا آهن. انهن کان سواءِ هن هنديءَ ۾ دوها، سي حرفيون، پچن (پد يا ڪيت) ۽ دوها به رچيا آهن. روحل فقير جي سڀ کان وڏي خوبي آهي ته هن مسلمان هوندي به هندو ڌرم جي گرنٿن، شاسترن ۽ فلسفي جو گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ پنهنجي شخصي انيوءَ جي آڌار تي ادوئت ويدانت ۽ يوگ، گيان، پڳتيءَ ۽ ڪرم جهڙن موضوعن تي هنديءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. سنڌي شعر جي تاريخ ۾ مون کي اڄ ڏينهن تائين ٻيو ڪو به سنڌي شاعر نظر نه آيو آهي، جنهن هنديءَ ۾ انهيءَ قسم جي شاعري لکي هجي. ان لحاظ کان روحل فقير جو درجو سنڌي جي مڙني شاعرن کان نرالو ۽ يگانو آهي.

روحل فقير کي گذرئي اٽڪل ٻه سؤ سال ٿيا آهن، پر سندس زندگيءَ جو خاطريءَ جوڳو سربستو احوال معلوم ٿي نه سگهيو آهي. "ڪنڊريءَ وارن جو ڪلام" نالي هڪ ڪتاب ۾لطف الله بدويءَ زباني روايتن ذريعي روحل جي حياتيءَ جو ڪجهه احوال ڪٿو ڪري ڏنو آهي. هن سنت روحل جي ولادت جو سال ۱۷۳۴ع ۽ وفات جو سال ۱۸۰۴ع ڄاڻايو آهي، پر سندس ئي لکڻ موجب اهي سال اندازي تي بيهل آهن ۽ انهن بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. سنڌ جي عالمن کي ۽ خاص طور ڪنڊريءَ جي فقيرن جيَ عقيدتمندن کي گهرجي ته انهيءَ ۾ کوجنا ڪري روحل فقير جي خاطريءَ جوڳي سوانح عمري لکي تيار ڪن. سنت روحل جي ڪتاب "اگم ورتا" ۾ ڄاڻايل آهي ته هن اهو ڪتاب آتم گيان جا راز جوڌپور جي راجا بجيه سنگهه کي سمجهائڻ لاءِ لکيو آهي. جوڌپور جي اتهاس مان خبر پوي ٿي ته راجا بجيه سنگهه ٽيويهين ورهين جي عمر ۾ سن ۱۷۵۳ع ۾ جوڌپور جي راڄگديءَ تي ويٺو ۽ چاليهه سال يعني ۱۷۹۳ع تائين حڪومت ڪيائين. روحل فقير جو سنڌ جوڌپور سان چگو گهاٽو هو. بجيه سنگهه جو پتا راجا بخت سنگهه به روحل فقير جو عقيدتمند هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته بجيه سنگهه کي جڏهن روحل فقير "اگم ورتا" جو گيان دربار ۾ ڏنو، تڏهن هن سنت جي عمر چگي وڏي هوندي. اهو سمو، مير بجر خان جي سن ۱۷۸۰ع ۾ شهادت ڪانپوءِ جو هوندو. انهيءَ مان لڳي ٿو ته روحل فقير جو جنم اڙهين عيسويءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ٿيو هوندو. جوڌپور جي قلعي

۾ سنت روحل جي سماڌي ٺهيل آهي. گهڻي ئي هندو توڙي مسلمان شردالو انهيءَ جي درشن لاءِ ايندا آهن.

روحل فقير جو جنم ٽرپارڪر ۾ عمرڪوٽ ويجهو ڪنهن ڳوٺ روحل واءِ ۾ ڄاڻايو وڃي ٿو. جيئن ته هي علائقو راجستان جي سرحد ويجهو آهي ۽ مٺس راجستان جي ثقافت، بولي وغيره جو گهڻو اثر آهي. انهي ڪري سهج سڀاءُ روحل هندي بولي جو محاورو حاصل ڪري ورتو. آتم گيان ۽ روحاني علم جي حاصلات ۾ هن ٽرپارڪر جي سنت ڏونگرسي مهاراج کان گهڻو ڪجهه پرايو. جنهن کي سنت روحل پنهنجو گرو ڪري مڃيو آهي. ٻئي طرف هن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪبيرؒ ۽ دادوءَ کي به گهڻن ئي هنڌن تي ياد ڪيو آهي. خاص ڪري هو پاڻ کي ڪبير جو ٻيو روپ ٿو ليکي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته سنت روحل، هندي جي "نرگڻ مارگي سنتن" جي واڌيءَ جو به گهرو مطالعو ڪيو آهي. زباني روايتن موجب هن جهوڪ شريف جي شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه تان گهڻو روحاني فيض حاصل ڪيو. سنڌ ۾ سڌن ۽ جوڳين، ساڌن ۽ سنتن، سامين ۽ ڪنپٽ ڪاپڙين جي اڇ وڇ به آڳاٽي زماني کان وٽي هلندڙ هئي انهيءَ ٻابت اسان کي گهڻيئي حوالا اساسي سنڌي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. خاص طور، سنڌ جي ولهه ۾ هنگلاج ديويءَ جو پراچين تيرٿ استان جگياسين ۽ جاترين جي ڪشش جو مکيه مرڪز هو. اهڙن جاترين ۽ سنڌ جي مڪاني ماڻهن جي وچ ۾ گفتگوءَ ۽ ويچارن جي ڏي وٺ جو ذريعو به هندي بولي هئي، جنهن کي سموري اُتر پارت ۾ صدين کان وٽي هڪ ڪنديندڙ بوليءَ Link Language جو درجو به حاصل ٿي چڪو هو. انهن سببن ڪري سنڌ ۾ به هنديءَ جو رواج ٽيڻ سياويڪ هو. جنهن جي ثابتي اسان کي شاهه لطيف جي رسالي ۾ ان به ملي ٿي، جهن ۾ "سر بيراگ" هندي ۾ ڪبير، دادوءَ، نانڪ ۽ ٻين سنتن جا هندي دوها گڏ ڪري رکيا ويا آهن. ممڪن آهي ته اهي شاهه لطيف جي حاضريءَ ۾ ٽيل سماع جي محفلن ۾ ڳاتا ويا هوندا، جن کي شاهه جي مريدن قلمبند ڪري ڇڏيو.

هتي اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته هنديءَ ۾ پڳتي، شاعريءَ جو جهڙي طرح الڳ ڌارائن ۾ ڦهلاءُ ٽيو آهي، تهڙي طرح سنڌ ۾ چو نه ٽيو؟ هندي ۾ "سگڻ پڳتي ڌارا" جو به گهڻو وڪاس ٽيو آهي، جنهن ۾ پڳوان رام ۽

Gul Hayat Institute

کرشن کي اپائڻهار جو اوتار سگهڙ روپ مڃي. انهن کي پوڄيو ويو آهي، گوسوامي تلسيداس جو رامچرت مانس، ڀگوان رام جي ڀگتيءَ ۾ لکيل آهي ۽ سورداس ۽ ميران ٻائيءَ جا پد. کرشن ڀگتي جا مثال آهن. ٻئي طرف ملڪ محمد جائسي جو رچيل پدماوت صوفياڻي شاعري جو مثال آهي. ۽ ڪبير ۽ دادوءَ جيئي ڪوٺا "نرگڻ ڀگتيءَ" جي شاعري آهي. جنهن ۾ خلقڻهار کي "گڻ - آڪار" کان پري هڪ حق جي وجود ۾ محسوس ڪندي، انسان سموري ڪائنات سان ان جي وحدت جو انيوَ ڪيو ويو آهي. ڏسجي ته عربن جي سنڌ فتح کرڻ کان وٺي انهيءَ علاقي ۾ اسلام جو ڦهلاءُ شروع ٿيو، جنهن جو زور ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. سنڌ جي هندن گهڻي تعداد ۾ اسلام قبول ڪيو. جن اها واٽ نه ورتي تن مان گهڻا سنڌ مان لڏي ٻين هندو راجائن جي راڄن ۾ وڃي رهيا. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ۾ هندن جو تعداد ڪل آدمشماري جو اٽڪل پنجويهه سيڪڙو بچيو. اهڙي ماحول ۾ "سگهڙ ڀگتيءَ" واري شاعريءَ جو وڪاس سنڌ ۾ ٿي نه سگهيو، جنهن جو هڪ لازمي جزو مورتي پوڄا آهي، جنهن جي اسلام ۾ اجازت ڏنل نه آهي. ٻئي طرف "نرگڻ ڀگتيءَ" واري شاعري، صوفين جي وحدت الوجود واري فلسفي ۽ ٻين ويچارن جي تمام ويجهو آهي، انهيءَ ڪري ڀگتي شاعري جي انهن ٻنهي ڌارائن جي ڦهلاءَ لاءِ سنڌ جو ماحول مددگار ثابت ٿيو.

سنڌي ادب جي ارتقا تي ويچار ڪجي ته نظر ايندو ته سنڌ ۾ عربن جي حڪومت ۷۱۲ع ۾ برپا ٿيڻ کان وٺي ارڙهينءَ عيسوي صدي جي آخر تائين ڪنهن به هندو شاعر جي رچنا نه ملي آهي. ۱۷۴۳ع ۾ سامي ۽ ۱۸۵۰ع ۾ دلپت جو جنم ڪلهوڙا دور ۾ ٿيو آهي، پر سندن شاعري ٽالپرن جي دور جي ليکبي، جڏهن هو دنيوي مايا، موهه کي تياڳي ڀگتيءَ جي راهه تي اڳتي وڌيا. سنڌي ادب ۾ هيءَ اهڙو وڏو خال آهي، جنهن تي ڪنهن طرح ويچار ڪرڻ جڳائي. پراڻي سنڌيءَ ۾ اٽين کان ڏهين عيسوي صديءَ واري عرصي ۾ "مهابارت" جو سنڌ ۾ تيار ڪيل ڪو ايڊيشن موجود هو. جنهن تان عربي ۾ پوءِ ان جي آڌار تي فارسي ۾ مهابارت جون ڪجهه ڪٿائون ترجمو ڪيون ويون. انهيءَ جي خبر اسان کي فارسي ڪتاب "مجمل التواريخ" مان پوي ٿي. ڏهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ "ورڻ ديوتا" جو

اوتار "اڊيرو لال" پيدا ٿيو، جنهن کي سنڌي مسلمان به زنده پير جي روپ ۾ مڃين ٿا. هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ انهن پن ڪٿائن کان پوءِ ويندي سنت روحل فقير جي هندي رچنائن تائين يعني اٽڪل ست سؤ سالن جي ڊگهي عرصي ۾ سنڌ ۾ هڪ به هندو شاعر نٿو ملي. نڪو هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ ڪابه رچنا ان زماني ۾ سنڌ ۾ لکيل نظر آئي آهي. ڇا سنڌ جي هندن ۾ ڪابه جذبات نه هئي، جنهن جو هو سنڌي شاعري ۾ اظهار ڪن، ٻئي طرف انهيءَ زماني ۾ ٻارت جي سيني مڪيه ٻولين ۾ رامايڻ، مهابارت، ياڳوت پراڻ وغيره گرنٿن جا ڇگي تعداد ۾ ترجما ملن ٿا ۽ انهن جي آڌار تي ڪوتائن ۽ ناٽڪن جي به رچنا ڪئي ويئي آهي.

سنڌي ادب ۾ انهيءَ خال پيدا ٿيڻ جو مکيه سبب اهو ٿو نظر اچي ته مسلمان حاڪمن ۾ سنڌ ۾ جن هندن اسلام قبول نه ڪيو، تن جو تعداد تمام ٿورو وڃي بچيو. گهڻائي جي وڃ ۾ هو هميشه دٻيل ۽ هيسيل رهيا. انهيءَ ڪري لکيت ۾ ادبي رچنائن ذريعي پنهنجن ڌرمي جذبن ۽ عقيدن جو اظهار هنن سماجي سطح تي نه ڪيو. اهڙو ساهت جيڪو ٿورو گهڻو لکيو ويو، انهيءَ جو دائرو، گهرن ۽ برادرين تائين محدود رهيو. اڊيري لال جو جنم ساکي ۽ پنجڙا انهيءَ جو هڪ مثال آهن، جيڪي زباني روايتن ذريعي پيڙهيءَ به پيڙهي هلندا رهيا ۽ گهڻو پوءِ اوڻويهين عيسوي صدي جي وچ ڌاري قلمبند ڪيا ويا. سنڌ تي وقت به وقت ڌارين جا حملا به پئي ٿيا، انهيءَ ۾ به گهڻو ادبي سرمايو ناس ٿي ويو ٿو ڏسجي. ٻيو ته جيڪي هندو سنڌ مان لڏ پلاڻ ڪري ٻين علاقن ۾ هليا ويا، اهي پنهنجا ڌرمي گرنٿ ۽ ادبي رچنائون پاڻ سان کڻي ويا. سنڌ جي ٻر وارن علاقن راجستان ۽ گجرات جو دورو ڪندي مون گهڻيئي لائبريريون نظر مان ڪڍيون آهن. اتي سوين صديون اڳ جا لکيل قلمي نسخا ۽ دستخط محفوظ آهن. اهڙن دستخطن جو تعداد هزارن ۾ آهي. جن جي ٻوليءَ جي سڃاڻپ نه ڪئي وئي آهي. انهيءَ جو تمام گهڻو امڪان آهي ته انهن ۾ ڪيترين ئي لکتون آڳاٽي سنڌي ٻولي ۾ هونديون. قاضي قادن جو ستن دوهن کان وڌيڪ ڪلام اسان کي هريائا ۽ راجستان جي مندرن ۽ مٺ مان حاصل ٿيو آهي. سوامي پراڻنات (۱۶۱۸-۱۶۹۴)جي سنڌي واڻي گجرات ۾ مڌيه پرديش جي پرڻامي پنٿ وارن مندرن ۾ محفوظ رکيل هئي ته سنت دادوءَ (۱۵۴۴-۱۶۰۲) جو

سنڌي ڪلام دادو پنڌي مٿن ۽ مندرن ۾ سلامت رکيو ويو هو. سامي جو سنڌي سلوڪ به ته اسان کي اصل ۾ امرتسر مان هٿ آيا آهن. انهيءَ ڪري گهڻي خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته گجرات، راجستان، مڌيه پرديش (خاص طور تي برهانپور) وغيره علائقن آگاٿن گرنٿ- پنڊارن ۾ جيڪڏهن ويهي جاچ ڪجي ته قديم ۽ وچين دؤر جي سنڌي ادب جا گهڻيئي لکل رتن جيڪر ظاهر ٿي پون.

ڪن عالمن سنڌي ادب ۾ هتي چاڙايل خال تي ويچار ظاهر ڪندي ائين به چيو آهي ته سنڌي واڻيا گهڻي قدر واپاري جاتي آهن. جن جي زندگيءَ جو مکيه مقصد آهي پيسو ڪمائڻ. انهيءَ ڪري ادب جي سرجڻ ۾ سندن چاهه نه هو. اهوئي سبب آهي جو اسان کي مسلمانن جي حڪومت واري دؤر ۾ ڪنهن به سنڌي هندوءَ جون رچنائون نٿيون ملن. انهيءَ دليل ۾ مون کي ڪوبه وزن نظر نٿو اچي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته سنڌ ۾ سن ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ شرط ئي تعليم ۽ ادب جي ڪيتر ۾ هندو ليکڪ ۽ شاعر نظر نه اچن ها. ڪنهن به جاتيءَ ۾ ان طرح اچانڪ تبديلي نه ايندي آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ به هندو ليکڪ ۽ شاعر چڱيءَ تعداد ۾ موجود هوندا هئا. جن جون رچنائون اسان کي اڄا تائين معلوم نه ٿي سگهيون آهن.

روحل فقير جون هنديءَ ۾ رچنائون

روحل جو ڪلام اٽڪل سؤ ڪن سال قلمي نسخن ۽ هٿ سان لکيل پوٿين جي صورت ۾ محفوظ رکيو ويو آهي. پارٽ ۾ رهندڙ هن سنت جي مريدن ۽ عقيدتمندن سان ملاقاتن دوران معلوم ٿيو ته وٽن سنت روحل جو ڪلام دستخطن جي صورت ۾ موجود آهي، پر انهيءَ جي ڇپائڻ جي ۽ عوام ۾ ڦهلاءُ ڪرڻ جي ڪين منع ڪيل آهي. هن سنت جي ڪلام جو پهريون ڇاپو سن ۱۹۰۳ع ۾ گولا سنگهه پرچارام، "روحل فقير" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ روحل جو ڪجهه سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪلام ۽ به هندي گرنٿ (شاستر من-پربوڌ ۽ شاستر آدِ پُڌي گرنٿ) شايع ڪيل آهن. سن ۱۹۶۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، "ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام" ڪتاب شايع ڪيو آهي. جيڪو لطف الله بدي مرتب ڪيو آهي. انهيءَ ۾

روحل ۽ مراد فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ڏنل آهي. ٻنهي فقيرن جي هندي ڪلام جا فقط ڪجهه مثال مهاڳ ۾ ڏنل آهن. پارٽ ۾ سن ۱۹۶۱ع ۾ "روحل جو ڪلام" نالي سان سنڌي ساهتيه سمتيءَ، بمبئي مان هڪ ڪتاب شايع ڪيو آهي. جنهن کي ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي مرتب ڪيو آهي. انهيءَ ۾ سنت روحل کي باني" روحل جون ڪجهه هندي رچنائون ڏنل آهن.

سنت روحل جي هندي ڪلام جو سيني کان بهترين ڇاپو ڏهليءَ مان سن ۱۹۹۰ع ۾ شايع ٿيو آهي. انهيءَ جو ايڊيٽر آهي ڊاڪٽر رميش چندر مشر، جيڪو ڏهليءَ يونيورسٽيءَ جي راملال آنند ڪاليج ۾ هندي جو پروفيسر آهي. ڪتاب جو نالو آهي "سنڌي ڪوي سنت روحل کي هندي باڻي" ڊاڪٽر مشر هندي ۾ ڳچتي - شاعري جو ڄاتل سڃاتل ۽ مشهور نقاد آهي. انهيءَ موضوع تي سندس گهڻيئي ڪتاب هندي ۾ شايع ٿيل آهن. روحل جي هندي باڻي جي اپياس ڪرڻ ۽ انهيءَ جون صحيح پڙهٽيون مقرر ڪرڻ توڙي اوکن لفظن جي معنيٰ لکڻ ۾ سنڌي جي مشهور شاعر نارائڻ شيام کيس گهڻي مدد ڏني آهي. ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته اهو ايڊيشن ٻنهي گڏجي تيار ڪيو آهي. انهيءَ ڇاپي کي تيار ڪرڻ ۾ هري دلگير کان حاصل ڪيل هڪ دستخط کي مکيه آڌار بڻايو ويو آهي. جيڪو سن ۱۹۳۰ع ۾ لاڙڪاڻي (سنڌ) ۾ لکيو ويو هو. هن ڇاپي ۾ سنت روحل جا هيٺ ڄاڻايل هندي گرنٿ ۽ ڪلام ڏنل آهن.

(۱) شاستر من پربوڌ (۲) شاستر آديت گرنٿ (انيوءِ آتم درسي ڪو انگي) (۳) نج مول گرنٿ (۴) شبد (پد) (۵) پندرهن تٿيان ڪوءِ ويچار (۶) سي حرفي (۱-۲) (۷) آگم وارتا.

روحل فقير جي هندو عقيدتمندن مان معلوم ٿيو آهي ته هن سنت جو ٻيو به گهڻو ئي اڻ ڇپيل ڪلام آهي، جيڪو گڏ ڪري هڪ گرنٿ جي صورت ۾ ڇپائڻ گهرجي. لطف الله بدويءَ پنهنجي ڪتاب "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي ته وٽس سنت روحل ۽ ڪنڊڙي جي ٻين فقيرن جو به هندي ڪلام موجود هو. اهو هن جدا ڪتاب ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو ويچار ڪيو آهي، خبر نه آهي ته اهو ادبي خزانو ڪيڏانهن ويو. سنڌ جي عالمن کي گهرجي ته ڪنڊڙيءَ جي موجوده سنتن سان

Gurjaya Institute

سنڌي ڪلام دادو پنڻي مڻن ۽ مندرن ۾ سلامت رکيو ويو هو. سامي جي سنڌي سلوڪ به ته اسان کي اصل ۾ امرتسر مان هٿ آيا آهن. انهيءَ ڪري گهڻي خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته گجرات، راجستان، مڌيه پرديش (خاص طور تي برهانپور) وغيره علائقن آگاڻن گرنٿ- پندارن ۾ جيڪڏهن ويهي جاچ ڪجي ته قديم ۽ وچين دؤر جي سنڌي ادب جا گهڻيئي لکل رتن جيڪر ظاهر ٿي پون.

ڪن عالمن سنڌي ادب ۾ هتي چاڙايل خال تي ويچار ظاهر ڪندي ائين به چيو آهي ته سنڌي واڻيا گهڻي قدر واپاري جاتي آهن، جن جي زندگيءَ جو مکيه مقصد آهي پيسو ڪمائڻ. انهيءَ ڪري ادب جي سرجڻ ۾ سندن چاهه نه هو، اهوَ ئي سبب آهي جو اسان کي مسلمانن جي حڪومت واري دؤر ۾ ڪنهن به سنڌي هندوءَ جون رچنائون نٿيون ملن. انهيءَ دليل ۾ مون کي ڪوبه وزن نظر نٿو اچي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته سنڌ ۾ سن ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ شرط ئي تعليم ۽ ادب جي ڪيتر ۾ هندو ليکڪ ۽ شاعر نظر نه اچن ها. ڪنهن به جاتيءَ ۾ ان طرح اچانڪ تبديلي نه ايندي آهي. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ به هندو ليکڪ ۽ شاعر چگي تعداد ۾ موجود هوندا هئا. جن جون رچنائون اسان کي اڄا تائين معلوم نه ٿي سگهيون آهن.

روحل فقير جون هنديءَ ۾ رچنائون

روحل جو ڪلام اٽڪل سؤ ڪن سال قلمي نسخن ۽ هٿ سان لکيل پوٿين جي صورت ۾ محفوظ رکيو ويو آهي. پارٽ ۾ رهندڙ هن سنت جي مريدن ۽ عقيدتمندن سان ملاقاتن دوران معلوم ٿيو ته وٽن سنت روحل جو ڪلام دستخطن جي صورت ۾ موجود آهي، پر انهيءَ جي ڇپائڻ جي ۽ عوام ۾ ڦهلاءُ ڪرڻ جي ڪين منع ڪيل آهي. هن سنت جي ڪلام جو پهريون ڇاپو سن ۱۹۰۲ع ۾ گولا سنگهه پرچارام، "روحل فقير" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ روحل جو ڪجهه سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪلام ۽ به هندي گرنٿ (شاستر من پربوڌ ۽ شاستر آدپُڌي گرنٿ) شايع ڪيل آهن. سن ۱۹۶۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، "ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام" ڪتاب شايع ڪيو آهي، جيڪو لطف الله بدي مرتب ڪيو آهي. انهيءَ ۾

روحل ۽ مراد فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ڌنل آهي. بنهي فقيرن جي هندي ڪلام جا فقط ڪجهه مثال مهاڳ ۾ ڏنل آهن. پارٽ ۾ سن ۱۹۶۱ع ۾ "روحل جو ڪلام" نالي سان سنڌي ساهتيه سمتيءَ، بمبئي مان هڪ ڪتاب شايع ڪيو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي مرتب ڪيو آهي. انهيءَ ۾ سنت روحل کي باني" روحل جون ڪجهه هندي رچنائون ڏنل آهن.

سنت روحل جي هندي ڪلام جو سڀني کان بهترين ڇاپو ڏهليءَ مان سن ۱۹۹۰ع ۾ شايع ٿيو آهي. انهيءَ جو ايڊيٽر آهي ڊاڪٽر رميش چندر مشر، جيڪو ڏهليءَ يونيورسٽيءَ جي راملال آنند ڪاليج ۾ هندي جو پروفيسر آهي. ڪتاب جو نالو آهي "سنڌي ڪوي سنت روحل کي هندي باڻي" ڊاڪٽر مشر هندي ۾ پگهتي - شاعري جو جاتل سڃاتل ۽ مشهور نقاد آهي. انهيءَ موضوع تي سندس گهڻيئي ڪتاب هندي ۾ شايع ٿيل آهن. روحل جي هندي باڻي جي اپياس ڪرڻ ۽ انهيءَ جون صحيح پڙهٽيون مقرر ڪرڻ توڙي اوکن لفظن جي معنيٰ لکڻ ۾ سنڌي جي مشهور شاعر نارايڻ شيام کيس گهڻي مدد ڏني آهي. ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته اهو ايڊيشن بنهي گڏجي تيار ڪيو آهي. انهيءَ ڇاپي کي تيار ڪرڻ ۾ هري دلگير کان حاصل ڪيل هڪ دستخط کي مکيه آڌار بڻايو ويو آهي. جيڪو سن ۱۹۳۰ع ۾ لاڙڪاڻي (سنڌ) ۾ لکيو ويو هو. هن ڇاپي ۾ سنت روحل جا هيٺ ڇاڙايل هندي گرنٿ ۽ ڪلام ڏنل آهن.

(۱) شاستر من پربوڌ (۲) شاستر آديت گرنٿ (انيوءِ آتم درسي ڪو انگي) (۳) نج مول گرنٿ (۴) شبد (پد) (۵) پندرهن تٿيان ڪوءِ ويچار (۶) سي حرفي (۱-۲) (۷) اگم وارتا.

روحل فقير جي هندو عقيدتمندن مان معلوم ٿيو آهي ته هن سنت جو ٻيو به گهڻو ئي اڻ ڇپيل ڪلام آهي، جيڪو گڏ ڪري هڪ گرنٿ جي صورت ۾ ڇپائڻ گهرجي. لطف الله بدويءَ پنهنجي ڪتاب "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" جي مهاڳ ۾ ڇاڙايو آهي ته وٽس سنت روحل ۽ ڪنڊڙي جي ٻين فقيرن جو به هندي ڪلام موجود هو. اهو هن جدا ڪتاب ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو ويچار ڪيو آهي، خبر نه آهي ته اهو ادبي خزانو ڪيڏانهن ويو. سنڌ جي عالمن کي گهرجي ته ڪنڊڙيءَ جي موجوده سنتن سان

Gul Haya Institute

ملاقاتون ڪري ۽ اتان جي فقيرن توڙي ڪنڊڙي جي عقيدتمندن کان سمورو ڪلام هٿ ڪري، انهيءَ کي سوڏي سنواري ترتيب ڏيئي ڇپائي پڌرو ڪن.

روحل جي هندي ڪلام جي جھلڪ

روحل فقير جو جيڪو ڪلام حاصل ٿي سگهيو آهي، انهيءَ جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس فقط ويهه سيڪڙو ڪن ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي ۾ آهي، باقي اسي سيڪڙو ڪلام هندي ٻولي ۾ آهي. جيئن ته سندس هندي ڪلام جي گهڻن کي ڄاڻ ئي نه آهي، انهيءَ ڪري هتي مختصر طور انهيءَ جي معلومات ڏجي ٿي.

(۱) شاستر من پرپوڙ

هيءُ گرنٿ روحل جي مڙني رچنائن ۾ اهم آهي. انهيءَ جو مقصد سنت شاعر جي لفظن ۾ اهو آهي ته آتم گيان ذريعي من کي شڌ (پاڪ) ڪرڻ ۽ انهيءَ کي دنياوي مايا موهه، لوڀ لالچ، اهنڪار وغيره کان هٽائي صحيح راهه تي وٺي وڃڻ. روحل فقير جو هي سڄو ڪتاب من ۽ چت (يعني، سمجهه، ٻڌي، ضمير، ٻلي پري جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي قوت) جي وچ ۾ گفتگوءَ واري عبارت ۾ لکيل آهي. انهيءَ ۾ دوها، چوپايون، سوئيا، ڪوت، پد ۽ ٻيا چند ڪتب آندل آهن. هيءَ سموري لمبي بياني ڪويتا آهي، جنهن ۾ انسان جي الڳ الڳ ياونائن ۽ وڪارن کي ڪردارن جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پڳتي شاعري ۾ هن قسم جون رچنائون تمام ورلي نظر اچن ٿيون.

(۲) شاستر ادپت گرنٿ

هن ڪويتا ۾ به روحل گفتگوءَ واري عبارت استعمال ڪئي آهي ۽ دوها، جهولنا، ڪنڊلي، ڪوٽ سوئيا وغيره چند ڪتب آندا آهن. موجوده صورت ۾ هي رچنا ٽن ياڳن ۾ ختم ٿئي ٿي: "انيؤ ڪو انگ" ۽ "آتم درسي ڪو انگ"، پر ڪويتا مان اشارو ملي ٿو ته انهيءَ جو ٽيون ياڳو آهي "من جو انگ" ان مان لڳي ٿو ته حاصل ٿيل دستخط اٽپورو آهي. هن رچنا جو مکيه مقصد آهي پريم جي مهما سمجهائڻ، سمجهه يا ٻڌي جڏهن پريم جو سهارو وٺي عشق جي خماريءَ ۾ پوريءَ طرح ٻڌي وڃي ٿي تڏهن عام

لوڪن کي اهو ادبت يعني عجيب تماشو لڳي ٿو. جيتوڻيڪ اهڙيءَ سمجهه پنهنجي پرين سان ملي انهيءَ ۾ پنهنجي الڳ وجود کي ختم ڪري انهيءَ سان هڪ ٿي وڃي ٿي.

روحل ادبت گرنٿ منهه، اُلٽي وچن انيڪ.
سمجهيگا ڪو سنت جن، جان گهٽ ڪليا وويڪ.
جان گهٽ ڪليا وويڪ، سنو وانڪي گني نياري.
پيا پيالا پريم، چڑهيا تنهه عشق خماري.
گيان ڪلا ۾ الٽ سلٽ، جاءِ مليو جب ايڪ.
روحل ادبت گرنٿ منهه، الٽي وچن انيڪ.

وويڪ يا اهڙي سمجهه پيدا ٿيڻ جي سبب ڪان وڌيڪ سچائپ اها آهي ته ان جي سامهون انسان جا پيدا ڪيل فرق ۽ سنڌا سڀ غائب ٿي ٿا وڃن:

نا ڪو اونچ نه نيچ هئه، سب ڪر ناجو ايڪ.
روحل سوجهي تب پڙي، جب ڪليءِ وچار وويڪ.

اهڙي آتم گيانيءَ کي پوءِ هر هنڌ انهيءَ اتم تت جي وجود جو احساس ٿئي ٿو:-

باهر انتر ايڪ هئه، پنڌ برمهنڊ منهه باس،
سرو-ويآپي آتما، جيون گهٽ مانهه آڪاس.

(۳) نج مول گرنٿ

هن گرنٿ ۾ روحل فقير سمجهايو آهي ته ڪهڙي طرح خالق جي من ۾ ايڪ مان انيڪ ٿيڻ جي خواهش پيدا ٿي ۽ هن سرشتيءَ جو سرجڻ ڪيو. گرنٿ ۾ دوها ۽ چوپايو چند ڪتب آندل آهن. ڪائنات جي سرجڻ تي روشني وجهندي شاعر دين ۽ دنيا ۾ نظر ايندڙ ڏونگ، پاکنڊ ۽ ڪُرسمن جي مخالفت ڪندي صحيح واٽ اپنائڻ جو سنديش ڏنو آهي.

(۴) شبديه (پد)

نرگڻ-نرآڪار سرجڻهار ۾ پورڻ وشواس ظاهر ڪندي روحل فقير

Gul Hayat Institute

هنن گيتن ۾ پريم ۽ ورهه جي ٻاونائن جو تمام سهڻي ۽ شاعراڻي عبارت ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن گيتن ۾ هنديءَ جي سنتن جي شاعراڻيءَ روايت کي اپنائي هولي. بسنت. ڦاڳ. وغيره ڏڻن جون علامتون ڪڻي شرنگار رس پيدا ڪيو ويو آهي جيئن ته:

(ٽل). ميري هردي ڦوليئو ورهه باگ
شيام سندري کيلي ڦاگ

انترا:- سير صراحي رام رس پايا. پيوت پريم بسر گئي کايا.
امر پيالا پيئا چاڻ. ڪبهون نه لاگي جم ڪوءَ باڻ.
تنت تال ڏن انهد باجا. پانچ سکي مل ناچن لاگا.
اُلٽ سُلٽ جب ملت ايک. ٻول گيئو سب پرم بيک.
چوٽي اميرَس کي پچکاري. پيج رهي پيا سنگ پياري.
برست بوند اَبير گلال. اندر باهر ديکيا لال.
بڙا پسارا ايک مول. چوڙاسي لک لاگا قول.
من ٻوئنرا تنهه ڪري لنجار. جنهه ليا نه تنت سار.

سيوڳ- گيان-ديپ گهٽ پيو پرڪاس. رئن اندير سڪل سوناس
ڪر ڪرپا ائسا دينو سنگ. روحل آهي نسي راتو رنگ.

(٢) ٽل:-

هري سنگهه کيلون مئن هوري هوري. آج بسنت کي رت آئي.
تيل ڦليل لگاءِ سکي ري. ڦرا انگ لاج کي چوري چوري.

سر ڪماکي چوڙي سجائي

آگر چندن پرمل ڪستوري. گهس گهس پريئي ڪٽوري ڪٽوري

تلڪ مانگ سندور چڙائي

ٻاو ديا کا ٻوکن پريا. ناک نٿ موتن جوري جوري.
گيان - انجن کي ريک لگائي.

پريم ڪيسر جل ۾ پچکاري. کيلي شيام ڪشور ڪشوري.

برهه گلال لگي پوٽ اُڙائي

روحل رِلِ مل شيام سندري. هرڪه هيت ڪيٽوڙي کيوري
رسنا رت ونت ڦاگ رچائي

(٣) ٽل لاگي پريت پيا جي سون. اوڙ بات سب ٻولي.
آنتي کو کوج کهيوَ نهين جاوي. سيج بني پر سولي.

انترا دنيا همارا درد نه جاني. بيدردي کيا بوجهي ري.
لاگو گهاوَ جان کي گهٽ مانهي. پيڙ اُسي کون سوجهي ري
ورهه ويراگ دل ۾ پيتر جاگيو. ائسي لگن لگائي ري
ٻوڙ گيو هئه تن من ميرو جنهه ڏي خبر نه پائي ري
کون هواءِ هم کون هيريو. گيب کي مانهه گلتانا
ديکون ديکه ديکن ۾ نه آوي. هوءِ رهيا هيرانا
جگ جنجال. گيو مٽ ميرو. رهي نه کل کي آسا
ايکا ايک نام کي هئه آسا. روحل رهنت پياسا

(٣) ٽل لاگي پريت پيا جي سون اوڙ بات سب ٻولي.
آنتي کو کوج کهيوَ نهين جاوي. سيج بني پر سولي.

انترا دنيا همارا درد نه جاني. بيدردي کيا بوجهي ري
لاگو گهاوَ جان کي گهٽ مانهي. پيڙ اُسي کون سوجهي ري
ورهه ويراگ دل ۾ پيتر جاگيو. ائسي لگن لگائي ري
ٻوڙ گيو هئه تن من ميرو. جنهه ڏي خبر نه پائي ري
کون هواءِ هم کون هيريو. گيب کي مانهه گلتانا.
ديکون ديکه ديکن ۾ نه آوي. هوءِ رهيا هيرانا
جگ جنجال گيو مٽ ميرو رهي نه کل کي آسا
ايکا ايک نام کي هئه آسا. روحل رهنت پياسا.

Gulf Hayat Institute

(۵) پندرهن تِٹ وچار

هن دگهي بياني ڪوتا ۾ روحل فقير اُماس ڪان وٺي پرٹماسيءَ تائين پندرهن تٽين جي سلسلي موجب سالڪ ڪي جوڳ ساڌنا ڪرڻ ۽ روزاني رهٽيءَ ڪي نيم موجب هلائڻ جي هدايت ڪئي آهي. سنتن جي پڳتي شاعري ۾ ان قسم جي شعر جي رچنا عام ڪرڻ آهي. شعر جي شروعات هن ريت آهي.

پندرهن تٽ ڪاڪرو وِچار، سنمڪ صاحب ڪوءِ پاءِ ديدار
اماوس ڪي گهر رهه ڪر ديک، نهاءِ پريم ساگر، ميٽ ڪرم ڪي ريک
جوت جهلمل انگ پنگال، پوري گرو ڪي يلم چال

(6) سي حرفي (۱، ۲):

روحل جون رچيل به سي - حرفيون يا ٽيهه - اکريون روشنيءَ ۾ آيون آهن. انهن ۾ عام لوڪن کي ستسنگ، پڳتيءَ، گيان جي مهما ٻڌائيندي، سٹي ۽ نيڪ رهٽي ڪهٽيءَ جي نصيحت ڏني ويئي آهي. جيئن ته غين ۽ نون اکرن تي رچيل چند ڏسو:

غين غصا تج نرمل رهئي، نندیا نيڪي سر پر سهيي
چاند سياٽپ بهو چترائي، ستگر شبد ملي رگهورائي
